CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته شهرين جو هڪ ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

# شهري

**شهري براءِ بهتر ماحول**

جنوري کان جون 2017 ع

## سنڌ ۾ معلومات جو حق

1. شهري سي بي اي پاران 2004 ع دوران
پنهنجي پهرئين "آزادي
معلومات" (معلومات جو حق) جي
درخواست عدالت ۾ داخل ڪئي، جنهن
۾ هڪ پلاٽ جي حيثيت جي باري ۾
2. معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست
ڪئي وئي هئي ته اهو پلاٽ رهائشي يا
تجارتي درجه بندي ۾ اچي ٿو. هن وقت
رڳو ڪجهه ماڻهو معلومات جي آزادي
آرڊيننس 2002 ع جي باري ۾ معلومات
رکن ٿا. شهري ان معاملي ۾ شڪست
تسليم ناهي ڪئي، ۽ محتسب جي
مداخلت وسيلي گهربل معلومات حاصل
ڪئي.

اسان سول سوسائٽي جي ٻين
تنظيمن سان گڏجي (C-TAI) سنڌ ۾
معلومات جي حق جي قانون سازيءَ جي
لاءِ 13 سال جدوجهد ڪئي ۽ 13 مارچ
3. 2017 ع تي "سنڌ شفافيت ۽ معلومات
جي حق ايڪٽ 2016 ع (STRTI)" سنڌ
اسيمبليءَ مان پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب
ٿياسين، جنهن جي توثيق 8 اپريل
2017 ع تي سنڌ جي گورنر محمد زبير
ڪئي.

ان قانون سازيءَ سان "سنڌ
4. معلومات جي آزادي ايڪٽ 2006 ع جو
خاتمو ٿيو.
5. هيٺ ڏنل نئين معلومات حق
جي بنيادي خاصيت جي پراڻي قانون
سان ڀيٽ نه ڪئي وئي:


سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق
ايڪٽ 2016 ع ٻين سمورن قانون
تحت لاڳو ٿئي ٿو جڏهن ته اڳوڻي
ايڪٽ جي اهڙي ڪا به حيثيت نه
هئي.

سرڪاري اداري جي تعريف ۾ هاڻي
وزير اعليٰ سيڪريٽريٽ، گورنر جي
سيڪريٽريٽ، مقامي حڪومت،
حڪومت جي ڪمپني، حڪومت جو
نيم خودمختيار ادارو، غير سرڪاري
6. تنظيمون جن جي حڪومت ملاي
مدد ڪندي هجي، صوبائي قانون
تحت قائم ڪيل رياستي ادارو
عدالت، ٽريبيونل، بورڊ، ڪميشن
7. ڪائونسل سميت ٻيا ادارا جيڪي
صوبي سنڌ ۾ پنهنجا فرض
سرانجام ڏئي رهيا آهن، پڻ شامل
آهن.

معلومات جي حق جي باري ۾
تفصيلي تعريف ڪئي وئي آهي،
جنهن ۾ ڪم/دستاويزن يا ڪاغذن
جي معائني ڪرڻ جو حق ۽ تصديق
ٿيل نقل (اليڪٽرانڪ نقل شامل
آهن) جو حاصل ڪرڻ پڻ شامل
آهي.

حڪومت باقائدگيءَ سان رڪارڊ
رکڻ جي ذميوار هوندي.

ايڪٽ جي شق الف اثرائتي
انڪشاف ۽ ڇپائيءَ ۾ واضع ڪيل
جزن کي شامل ڪرڻ کي يقيني



Sindh Transparency and Right to Information Act 2016

بڻائي ٿي.

ان ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ واري وقت
کان 45 ڏينهن جي اندر هر هڪ
سرڪاري ادارو گريڊ 16 يا ان کان
وڏي هڪ آفيسر کي مقرر ڪندو.

ڪنهن به شخص جي زندگي يا
آزادي جي

(بقيه صفحي 3 تي)

### اندريان صفحا

پاڪستان ۾ توانائي جو بحران.....07
ڏکڻ ڪوريا جي لاءِ آتو..............10
واٽر ڪميشن رپورٽ جا اهم نقطا.....16
حيدرآباد ۾ مقامي حڪومت جو نظام....19
کي اليڪٽرڪ ۽ نيٽ ميٽرنگ....20
بهتر شهر حڪمرانيءَ لاءِ شهرين......21
ڪراچي يونيورسٽي ۾ وٽڪاري...23

# اداريو

## ڪراچي......ڪينسر پڪڙجي رهيو آهي!

ڪراچي هڪ اهڙو بدنصيب شهري آهي جنهن کي ڪيتري ئي عرصي کان امن نصيب ناهي ٿيو. سرگرم سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي مفادن سان لاڳاپيل گروپن وچ ۾ جاري جنگ هڪ بهترين ۽ مستحڪم ترقي وارن نتيجن جون پاڙون مضبوط ٿيڻ واري امڪان کي مايوس ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي افراتفري واري ماحول کي هٿي وٺرائڻ ۾ ملڪي ۽ غيرملڪي عناصرن جو هٿ آهي. اهي مختلف ذريعن سان ضروري شهري سهولتن جي مڪمل بندش کان وٺي موجود امن ۽ امان جي خدشن تائين چانيل آهن. اها وڏي بدقسمتي آهي ته سياسي چڪتاڻ جي نتيجي ۾ غير فعال شهري حڪمراني ڪُر ڪنيو آهي. ڪراچيءَ ۾ طاقت ۽ فرضن جي لاءِ صوبائي ۽ مقامي/شهري حڪمرانيءَ جي وچ ۾ تاس ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري ڪراچي هڪ غير مستحڪم ۽ منتشر شهري حڪمراني جي منظر نامي طرف وڌي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ کي پڻ هڪ عدالتي ڪميشن قائم ڪندي مداخلت ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي، جنهن سهولتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي قدم تجويز ڪيا. انهن ۾ ڪچرو ڪٺو ۽ اڇلائڻ جي ذميواري نئين قائم ڪيل سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کان واپس وٺي ٻيهر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حوالي ڪئي، جيڪا شهر ۾ شهري سهولتن سان لاڳاپيل شعبي تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي جنگ هئي. ڪي ايم سي جتي ٻه ڪروڙ کان وڌيڪ آباديءَ واري شهر جي ميئر جي آفيس قائم ٿيل آهي. اها هن وقت ڪجهه بچيل اختيارن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. چاڪاڻ ته سمورا اختيار صوبائي حڪومت وٽ آهن. جيڪي عام طور تي دنيا جي ڪنهن به مهذب ۽ فعال شهر ۾ ميئر کي ئي حاصل هوندا آهن.

اهڙي غير يقيني واري صورتحال جيستائين قائم رهندي ۽ مفادن سان لاڳاپيل سياسي مخلافن جي وچ ۾ چڪتاڻ جو حل نڪري ايترو ئي گهٽ امڪان آهي ته شهر ان ڪينسر مان نجات حاصل ڪري سگهي. اهڙو ڪينسر جيڪو ڪراچي شهر ۾ پڪڙجي رهيو آهي.

**شهري**

R-88، بلاڪ 2، پي اِي سي ايڇ ايس،
ڪراچي 75400، پاڪستان
ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org
ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم

**انتظامي ڪميٽي:**

چيئرپرسن: نورالدين احمد
وائس چيئرپرسن: سمير حامد ڊوڏي
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ميمبر: ڊيرڪ ڊين،
محمد علي رشيد ۽
رولينڊ ڊي سوزا

**باني ميمبر:**

مسٽر خالد ندوي، بيرسٽر قاضي فائز عيسيٰ،
نويد حسين، حمير الرحمان، دانش آذر زوبي،
بيرسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

**شهري اسٽاف:**

ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
مئنيجر ڪميونيڪيشن: ايس حمنه مهوش القادري
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهه
آفيس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفيس بواءِ: خورشيد احمد
سيڪيورٽي گارڊ: محمد مجاهد

**قلمڪارن لاءِ هدايتون:**

اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هئڻ ضروري نه آهي.

Production:
Saudagar Enterprises Group
Web: www.gridsart.com
www.graphitework.com
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن



Member of IUCN World Conservation Union

Every effort has been made to ensure the accuracy of the contents of this publication. The author or the organization does not accept any responsibility of any omission as it is not deliberate. Nevertheless, we will appreciate provision of accurate information to improve our work.

حفاظت لاءِ ضروري معلومات ٻن ڏينهن اندر مهيا ڪئي ويندي.

8.درخواست ڏيندڙ کي معلومات ڏيڻ جي لاءِ مقرر ڪيل آفيسر جي عرصي ۾ گهٽتائي ڪري 15 ڏينهن ڪئي وئي آهي ۽ خاص حلاتن ۾ وڌيڪ 10 ڏينهن ڏنا ويندا.

9. شق الف انفارميشن آفيسر کي پابند ڪري ٿي ته آفيسر ذميوار هوندو ته اهو وضاحت ڪري ته معلومات کي ظاهر ڇو نه ٿو ڪري سگهجي ۽ گڏوگڏ اهو 60 ڏينهن اندر نظرثاني جي لاءِ اپيل متعلق درخواست ڏيندڙ کي اطلاع ڪري.

10.ان قانوني دائري اختيار تحت روڪيل معلومات کي 10 سالن جي عرصي گذرڻ بعد عوام جي پهچ جي قابل بڻايو ويندو.

11.ايڪٽ ڪميشن کي پابند ڪري ٿو ته اها سنڌ ٽي آر ٽي آءِ درخواستن سان لاڳاپيل هڪ مڪمل رپورٽ تيار ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ انفارميشن ڪميشن جي قائم ٿيڻ جي 60 ڏينهن اندر قائدا ۽ ضابطا واضح ڪري.

12.جيڪڏهن ڪميشن مقرر ڪيل آفيسر کي معلومات جي حق واري درخواست ۾ بدنيتي تحت رڪاوٽ ۾ ملوث ڏسي ته ڪميشن ان آفيسر جي بنيادي پگهار مان سزا طور 10 سيڪڙو تائين ڪٽوتي ڪري سگهي ٿي، اهڙيءَ طرح سان درخواست ڏيندڙ جي بدنيتي ظاهر ٿئي ته ان مٿان وڌ ۾ وڌ هڪ لک روپيا ڏنڊ/يا ٽن مهينن تائين قيد جي سزا ڏئي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر سيد رضا علي گرديزي، پروجيڪٽ ليڊر، حق معلومات پروجيڪٽ پڻ حڪومتي بل نمبر 30، 2016ع ”سنڌ شفافيت حق معلومات بل 2016ع“ تي سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊيل ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ سول سوسائٽي سميت شهري سي بي اي پاران سفارشي تجويزون پيش ڪيون. ان چونڊيل ڪميٽيءَ جي صدارت سنڌ جي سينيئر وزير نثار احمد کهڙو ڪئي، ڪميٽي پيپلز پارٽيءَ جي 6 صوبائي اسيمبلي ميمبرن جڏهن ته ٻين پارٽين جي 6 صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن تي مشتمل ڪميٽي هئي. چونڊيل ڪميٽيءَ پاران بل جي ڊرافٽ کي آخري شڪل ڏيڻ وقت شهري سي بي اي پاران ڏنل اڪثر تجويزن کي ڊرافٽ ۾ شامل ڪيو ويو جنهن کي بعد ۾ صوبائي اسيمبليءَ ۾ پاس ڪيو ويو.




*On behalf of Shehri-CBE, Dr Syed Raza Ali Gardezi & Ms Saima Adeel, attending the meeting of the Sindh Assembly Select Committee on the "Sindh Transparency & RTI Bill, 2016", chaired by Sindh Senior Minister, Mr Nisar Ahmed Khuhro.*


# سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق ايڪٽ 2016ع شروعات کان مڪمل ٿيڻ تائين

| تاريخ | واقعو | راءِ/تجويز |
|---|---|---|
| 2014 | سنڌ حڪومت جي ڪاتي معلومات، دستاويزات ۽ ريڪارڊ پاران هڪ ڊرافٽ لاءِ آزادي معلومات بل 2014ع تيار ڪيو. | ڊرافٽ 70 سيڪڙو موجود سنڌ آزادي معلومات ايڪٽ جو مڪمل نقل آهي ۽ باقي 30 سيڪڙو خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب حق معلومات ايڪٽ 2013ع جو نقل آهي. |
| آڪٽوبر 2014 | C-TAI شفافيت ۽ معلومات تائين پهچ لاءِ اتحاد. | سنڌ صوبي جي 26 غير سرڪاري تنظيمن جو سات |
| 01-03-2015 | سنڌ حق معلومات بل 2015. | سي ٽي اي آءِ (C-TAI) سنڌ حق معلومات قانون جو ڊرافٽ تيار ڪيو جنهن کي قانون ۽ جمهوريت جي مرڪز (CL & D) پاران 139 اسڪور ڏنا ويا. |
| 2015 | سي ٽي اي آءِ جو تيار ڪيل ڊرافٽ لاڳاپيل سمورن ميمبرن، تنظيمن ۽ ادارن آڏو پيش ڪيو ويو. | سول سوسائٽي، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۽ سنڌ صوبي جي بيوروڪريسي/آفيسر شاهي. |
| 16-03-2015 | شهريار مهر، سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخلاف ڌر جو اڳواڻ. | پي ايم ايل (ايف) جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن سان گڏ لابنگ. |
| 31-03-2015 | اسلم شيخ، ڊپٽي سيڪريٽري (قانون سازي) شعبہ قانون، حڪومت سنڌ. | سي ٽي اي آءِ جي ڊرافٽ جي ڪاپي ان کي ڏني وئي. |
| 09-05-2015 | سي ٽي اي آءِ جو ڊرافٽ ڊاڪٽر عارف علوي، ثمر علي خان ۽ ڊاڪٽر سيما ضياءَ کي پيش ڪيو ويو. | پاڪستان تحريڪ انصاف جي اسيمبلي ميمبرن سان لابنگ. |
| 04-08-2015 | ڊاڪٽر جبار خٽڪ، عامر محمود ۽ سي پي اين اي جي ٻين ميمبرن سان ملاقات . | سي پي اين اي پاران ڊرافٽ جي حمايت. |
| 09-01-2016 | صوبائي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر شهلا رضا پڻ شهري سي بي اي جي سيمينار ۾ خاص مهمان جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي. | ڊپٽي اسپيڪر شهلا رضا پاران ڪجهه خدشن سان گڏوگڏ سي ٽي اي جي تيار ڊرافٽ جي حمايت ڪئي. |
| 27-01-2016 | ايم ڪيو ايم جي پارلياماني ميمبرن سان ميٽنگ. | ايم ڪيو ايم جي 30 پارلياماني ميميبرن پڻ ڪجهه خدشن سان گڏ سي ٽي اي آءِ جي ڊرافٽ جي حمايت ڪئي. |
| 29-01-2016 | بيريسٽر مرتضيٰ وهاب، قانوني معاملن بابت وزير اعليٰ سنڌ جو صلاحڪار. | ان وزيراعليٰ سنڌ ڏانهن هڪ سمري موڪلي تہ حق معلومات بل جي ڊرافٽ تي بحث جي شروعات ڪئي. وڃي. |
| 2016 | معلومات بابت قائم ڪميٽي سان بحث. | پارليامينٽ جي ميمبرن سان لابنگ. |
| 2016 | آغا سراج دراني، نثار کهڙو، ڊاڪٽر سڪندر مينڌرو ۽ مولابخش چانڊيو. | پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارليامينٽ جي ميمبرن سان لابنگ. |
| جولاءِ 2016 | سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق بل 2016. | اهو بل وزيراعليٰ سنڌ جي قانوني معاملن جي صلاحڪار مرتضيٰ وهاب جي نگرانيءَ ۾ قانون واري ڪاتي. حڪومت سنڌ تيار ڪيو. |
| 20-08-2016 | مرتضيٰ وهاب جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل سنڌ شفافيت ۽ معلومات جي حق بل 2016ع جو ڊرافٽ سنڌ ڪابينا منظور ڪيو ۽ منظوريءَ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ڏانهن موڪليو ويو. | سنڌ بل 2016/30 |

| | | |
|---|---|---|
| 22-09-2016 | سنڌ اسيمبلي ۾ بل تي بحث لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. | سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ بل 24 (آءِ اي ڊي) بل 2016/30 جي جاءِ تي پيش ڪيو ويو. |
| 27-09-2016 | چونڊيل ڪميٽيءَ جو پهريون اجلاس. | ڪميٽيءَ اڳيان بل 2016/30 جي جاءِ تي بل 24 پيش ڪيو ويو. |
| 03-10-2016 | قانون ۽ جمهوريت جي مرڪز (سينٽر فار لا اينڊ ڊيموڪريسي). | سي ايل اينڊ ڊي پاران 96 اسڪور بل. |
| 07-10-2016 | چونڊيل ڪميٽيءَ جو ٻيو اجلاس. | ڪميٽيءَ اڳيان 2016/30 جي جاءِ تي 24 پيش ڪيو ويو. |
| 23-11-2016 | نثار کهڙو سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ بل 2016/30 پيش ڪيو. | آخرڪار بل 24 واپس ورتو ويو ۽ اسيمبلي بل 2016/30 منظور ڪيو. |
| 13،12،09 ۽ 18 نومبر 2016 | سنڌ شفافيت ۽ معلومات جي حق بل تي بحث لاءِ 4 اجلاس منعقد ڪيا ويا. | 12، 13 ۽ 18 نومبر 2016ع جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ شهري سي بي اي کي گهرايو ويو. |
| ڊسمبر 2016 | چونڊيل ڪميٽيءَ جي ڪارروائي جا نقطا جاري ڪيا ويا. سردار احمد علي ۽ ثمر علي درستگي ڪئي. | نقطا صحيح نموني سان ريڪارڊ نہ ڪيا ويا هئا. |
| 13-03-2017 | سنڌ اسيمبلي جو اجلاس. | چونڊيل ڪميٽي جو ترميم شده سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق بل 2016ع منظور ڪيو ويو. |
| 08-04-2017 | سنڌ جي گورنر بل تي صحيح ڪئي. | |
| 12-04-2017 | سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق ايڪٽ 2016 سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويو. | |



# ڪجھ ڪامياب ڪهاڻيون




| | Car | Motorcycle | Auto Rickshaw |
|---|---|---|---|
| Karachi | 286,937 | 1522031 | 147,496 |
| Mirpurkhas | 0 | 36789 | 228 |
| Hyderabad | 4 | 25873 | 15956 |



شهري سي بي اي شهرين جي حڪمرانيءَ بابت مختلف طريقن سان آگاهه ڪرڻ لاءِ اڪثر طور تي معلومات جي حق واري قانون کي استعمال ڪندي آهي. مثال طور مٿي ڏنل انگ، اکر ۽ مواد معلومات جي حق جي درخواست وسيلي حاصل ڪيا ويا. اسان شهرين جي حقن جي تحفظ جي حوالي سان عوامي مفادن خاطر ڪيسن ۾ مدد لاءِ معلومات جي درخواست پڻ ڪندا آهيون.

وڌيڪ اهو ته شهرين کي اهڙي بنيادي حق بابت آگاهه ڪرڻ لاءِ سال ۾ ڪيترائي تربيتي پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويا. رڳو 2016ع کان جون 2016ع دوران 17 تربيتي سيشن منعقد ڪيا ويا جن ۾ تقريباً هڪ هزار شهرين کي تربيت ڏني وئي.


اسان جي تربيتي پروگرامن جي ڪاميابي تربيت يافته ماڻهن جي ڪامياب سرگرمين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مثال طور اسٽيٽ لائيف انشورنس جي هڪ ملازم پرويز ڀٽي پنهنجي معلومات واري حق جي درخواست تي صوبائي محتسب جي مداخلت وسيلي اداري کان هڪ جانچ رپورٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

اسان جي شفاف حڪمراني جي نظام واري مهم جاري آهي ۽ توهان پنهنجي ان حق کي استعمال ڪري اسان جي مدد ڪري سگهو ٿا ۽ حڪومت کي پنهنجي حد اندر رهڻ تي مجبور ڪري سگهو ٿا.

# پاڪستان ۾ توانائي جو بحران - ان مان ڪيئن قابو پائي سگهجي ٿو؟

پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي توانائي جو گهريلو استعمال تمام گهڻو ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ گهريلو شعبي ۾ توانائي جو استعمال ڪُل پيداوار جو 45.9 سيڪڙو سلايانو ٿئي ٿو جڏهن ته صنعتي شعبو تقريباً 27.5 سيڪڙو توانائيءَ جو استعمال ڪري ٿو. سموري توانائيءَ جو تقريباً اڌ حصو عمارتن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي يا ڪمرن کي گرم رکڻ، هوا جي نيڪال، جڳهين کي ٿڌو رکڻ (ايئر ڪنديشننگ)۽ روشنيءَ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جڏهن ته چين ۽ برطانيه ۾ ان مقصد ۾ 25 کان 30 سيڪڙو ۽ 40 سيڪڙو بجلي استعمال ٿئي ٿي، چاهي موسمي حلاتون ڪيترو به خراب هجن.

پاڪستان ۾ بجلي جي گهٽتائي تقريباً 5 هزار کان 6 هزار ميگاواٽ آهي، جنهن جي ڪري گرمي جي موسم ۾ تمام گهڻي لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي، ايسيتائين جو سياري جي موسم ۾ به گهڻي لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي آهي. بجلي جي نون ذريعن مثال طور ڊيم ونڊ فارم ۽ شمسي پارڪن جي تعمير سميت ٻيا ڪيترائي قدم آهن، جن جي تعمير مڪمل ٿيڻ ۾ (پروجيڪٽس جي اعتبار سان) گهٽ ۾ گهٽ به کان ڇهه سال لڳندا. ملڪ ۾ وڌندڙ توانائيءَ جي بحران ۽ ان سان لاڳاپيل ماحولياتي اثرن سان منهن ڏيڻ لاءِ توانائي جي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي ضرورت آهي، موجوده منصوبن جي ڊيزائن ۾ جديد تبديلي آڻڻ سان ملڪ ۾ وڌندڙ توانائي جي بوجهه کي گهٽتائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. انهيءَ جديد تبديلي سان گڏوگڏ بهتر تعميراتي ڊيزائن، توانائي جي بچت ڪرڻ واري عمارتي سامان. بجلي بچائڻ وارين بجلي جي شين ۽ توانائي بچائڻ لاءِ عمارتي قانون شامل ڪري سگهجن ٿا.




> پاڪستان ۾ ٿرمل توانائيءَ جو حصو 60 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي جڏهن ته ان جا اثر 35 کان 40 سيڪڙو جي وچ ۾ موجود آهن

1987ع دوران حڪومت جي وزارت ماحوليات جي ماتحت نيشنل انرجي ڪنزرويشن (ENERCON) ان ڪري قائم ڪئي وئي ته جيئن توانائي محفوظ ڪرڻ لاءِ عوام کي آگاهي ڏئي سگهجي ان سان گڏوگڏ ملڪ ۾ انرجي ڪنزرويشن اسٽرڪچر جي سلسلي ۾ پلايسيون تيار ڪري سگهجن.

پاڪستان انجنيئرنگ ڪونسل (PEC) پاران انرڪون (ENERCON) جي مدد سان 2011ع ۾ توانائي متعلق قائدا ۽ ضابطا ناهيا ويا. انهن کي 2014ع ۾ بلڊنگ انرجي ڪوڊ آف پاڪستان سان گڏ متعارف ڪرايا ويا.

اهي ضابطا اهڙين عمارتن تي لاڳو ٿيندا جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 100 ڪلو واٽ بجلي استعمال ٿئي ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ 125 ڪلو واٽ بجلي جي گهرج جو معاهدو ٿيل هجي، اهڙيون عمارتون جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 900 چورس ميٽر ڪيفيتي/ايراضي يا 1200 چورس ميٽر غير ڪيفيتي ايراضي تي تعمير ٿيل هجن، توانائي بچائڻ جي ظابطن تي عمل ڪنديون.


هن وقت اهو ضابطو رڳو نين عمارتن ۽ ان جي سسٽم، پهريائين تعمير ٿيل عمارتن جي نئين حصي جيڪڏهن اهي مقرر ٿيل تعميراتي ايراضي ۽ بجلي جي گهرج متعلق مقرر ٿيل حدن تحت آهن، تعمير ٿيل عمارتون بجلي جي نئين نظام ۽ نون اوزارن ۽ اهڙيون عمارتون جن ۾ بجلي جي گهرج ضابطن تحت تجويز ڪيل حد کان مٿي هجي ته ان مٿان لاڳو ٿيندو.

جاري ٿيل حڪم انهن معاملن جو جائزو وٺندا ته مثال طور عمارت جو تعمير ٿيل ڍڪيل حصو، عمارت کي گرم رکڻ، هوادار رکڻ ۽ ايئر ڪنڊيشننگ، پاڻي گرم ڪرڻ جي سهولت، روشني ۽ بجلي جي قوت.

گذريل سال اِنرڪون (ENERCON) کي قومي اسيمبليءَ جي منظور ڪيل قومي توانائي بچاءُ ايڪٽ 2016ع (National Energy Efficiency and Conservation act 2016) وسيلي نيشنل انرجي ايفيشنسي اينڊ ڪنزرويشن اٿارٽي (NEESA) ۾ تبديل ڪيو ويو.

ايڪٽ نافذ ٿيڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهر قومي پلايسي جو ڊرافٽ تيار ڪرڻ ۾ مصروف آهن. جڏهن ته ان دوران پکن، بلبن، ايئرڪنڊيشنز ۽ ريفريجريٽرن ۾ توانائي جي بهتر استعمال کي قابل بڻائي سگهجي.

اندازي مطابق پاڪستان بجلي جي بچت تي ڌيان ڏئي 17 سيڪٽرو تائين بجلي جي بچت ڪري سگهي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 2295 ميگاواٽ بجلي بچائيندي، موجوده بجلي جي شارٽ فال کي اڌ ڪري سگهجي ٿو



## ڏورانهن علائقن ۾ اسمارٽ ميٽر لڳائڻ

ايشيا ۽ آفريڪا ۾ نجي تقسيم ڪار غريب ۽ ڏورانهن علائقن ۾ اسمارٽ بجلي جا ميٽر لڳائي بجلي جي بقايا رقم وصول ڪرڻ لاءِ موبائل فون جو استعمال ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ميٽر ۾ پئسا ختم ٿين ٿا ته ميٽر بجلي جي فراهمي بند ڪري ٿو.

ادا ڪيو ۽ اڳتي وڌو نظام تحت نهايت غريب آباديون ضرورت تحت بجلي خريد ڪري سگهنديون آهن ۽ بلن جي ادائگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ نجي سيڙپ ڪار همٿ افزائي ڪندا آهن.

پاڪستان ۾ اڳ موبائل جو انقلاب اچي چڪو آهي ۽ اڪثر آبادي موبائل فون جي سهولت جهڙوڪ، موبائل وسيلي پئسن جي ڏيتي ليتي سميت فون بئنڪنگ جو استعمال ڪري رهي آهي، انهيءَ موجوده سهولت تحت سموري ملڪ اندر توانائي تقسيم جي خدمتن کان ادائيگي تائين واري سهولت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

نجي شعبي جي سيڙپ ڪاري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ حڪومت کي ملاياتي طور تي موجود رڪاوٽن کي دور ڪرڻ گهرجي.

شمسي، پاڻي ۽ هوائي توانائي وارن منصوبن جي تعمير سان گڏ گرڊ سسٽم تي دٻاءُ گهٽائي سگهجي ٿو جنهن سان ڏورانهن علائقن ۾ معيار زندگي بهتر ٿي سگهي ٿو.




چاڪاڻ ته پاڪستان جي 70 سيڪڙو ايراضي سمورو سال سج جي تپش ۽ گرم موسم جي لپيٽ ۾ رهي ٿي ان ڪري نين عمارتن جي تعمير ۾ نقشه سازي وقت انهن کي ٿڌو رکڻ لاءِ ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن توانائي جي بچت ٿي سگهي، توانائي بچائڻ وارن اصولن تحت عوامي معيار مطابق تعمير ٿيندڙ گهر روايتي طور تي قائم ٿيل گهرن جي ڀيٽ ۾ استعمال ٿيندڙ بجلي جي مقابل ۾ رڳو 10 کان 30 سيڪڙو تائين بجلي استعمال ڪري ٿو.

توانائي جي بچت رڳو حڪومت جي مفاد ۾ ئي ناهي پر شهري پڻ بجلي جي بلن ۾ گهٽتائي آڻي سگهن ٿا، ان لاءِ شهرين کي رڳو بجلي بچائڻ وارا بجلي جا اوزار استعمال ڪرڻ گهرجن.

# ڏکڻ ڪوريا جي لاءِ جنون

دانش آزر زوبي



*South Korean Countryside visible from the train*

اسان گوانگ جو کان سيئول وڃڻ لاءِ ٽرين جي چونڊ ڪئي، ريل جو پليٽ فارم صاف سٿرو ۽ چمڪدار ننڍي ايئرپورٽ جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو. ٽڪيٽ خريد ڪرڻ کانپوءِ اسان ريل جي ٽائيم ٽيبل جو تفصيلي جائزو ورتو. منهنجي گهرواري ريل جو ٽائيم ٽيبل ڏسي حيرت ۾ پئجي وئي ته اهڙي ريل جيڪا اسٽيشن تي رڳو ٻن منٽن لاءِ بيهي تنهن تي سفر ڪيئن ڪري سگهجي ٿو. ان ٿورڙي وقت اندر اسان پنهنجي ڪيبن ڪيئن تلاش ڪري سگهنداسين. جيڪڏهن ريل هلي وئي ته اسان پريشان ٿي ويندا سين اهڙي قسم جي پريشاني اسان ٻنهي کي ٿي رهي هئي پر اهڙي ڳڻتي کان مون زال کي آگاهه نه ڪيو. ٽڪيٽ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اِها ڳالهه سامهون آئي ته ٽڪيٽ تي ڪيبن جو نمبر واضح طور تي لکيل هيو ۽ جيئن ئي اسان هيٺ پليٽ فارم تي پهتاسين ۽ ريل جو انتظار ڪري رهيا هئاسين ته اسان کي معلوم ٿيو ته پليٽ فارم تي اسان جي ڪيبن جي هنڌ جي اڳ ئي نشاندهي ٿيل هئي، پليٽ فارم تي مسافرن جي لائين لڳل هئي ۽ اسان کي تمام گهڻي حيرت ۽ خوشي ٿي ته ريل نه رڳو مقرر وقت تي آئي پر سمورن مسافرن کي ڪٽي رواني به ٿي. ريل ۾ هر سيٽ تي سان گڏ وائي فائي ۽ موبائيل چارجنگ جي مفت سهولت به ميسر ٿيل هئي جڏهن ته ريل جا تفصيل ڏگهي ديوار تي مانيٽر تحت لڳل هئا جيڪي معلومات مهيا ڪري رهيا هئا.

اسان سيئول کان انچيون تائين زير زمين ريل جو سفر ڪيو. پليٽ فارم جا خودڪار دروازا ريل جي خودڪار دروازن سان گڏ بهتر نموني سان کلي رهيا هئا ۽ ريل ۾ سوار ٿيڻ بلڪل ايئن لڳو جيئن پنهنجي سمهڻ واري عمري کان لائونج ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. اسان پوڙهن ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل خلائي سيٽن تي ويهي رهياسين (جي ها اسان هال ۾ پوڙهن شهرين سان گڏ ويهي رهياسين) ۽ اسان پنهنجو سامان سامهون مخصوص طاق ۾ رکي ڇڏيو. ريل ۾ هڪ ايل اِي ڊي لڳل هئي جيڪا ٻڌائي رهي هئي ته اسان ڪيترو مفاصلو طئه ڪيو آهي پر منهنجي لاءِ حيرت واري ڳالهه اها هئي ته ريل ۾ ڪٿي به ڪو اشتهار لڳل نظر نه آيو. ڪا به بدنظمي يا بدتميزي نه هئي، اعليٰ درجي جي صفائي سٿرائي ۽ سڪون وارو ماحول هيو. ڇا ريل جي سفر ۾ ڪو به ان کان وڌيڪ سهولت جو مطلابو ڪري سگهي ٿو.

اها خوشي جي ڳالهه هئي ته مان ۽ منهنجي گهرواريءَ گذريل مهيني ڏکڻ ڪوريا جو تفريحي دورو ڪرڻ جي همت ڪئي. اسان کي ياٺٽيءَ گهرايو هو جيڪا پنهنجي مڙس سان گڏ گوانگ جو، ڏکڻ ڪوريا ۾ رهي ٿي، ان جو مڙس گوانگ جو انسٽي ٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنولاجيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهيو آهي ۽ مشينن جي موضوع تي ٿيسز لکي رهيو آهي، ڏکڻ ڪوريا جي باري ۾ منهنجي راءِ بهتر نه هئي ان ڪري مان حيرت ۾ آهيان ۽ مون کي وڏو جهٽڪو

لڳو، ڇاڪاڻ تہ اسان اهڙي قسم جون ڪيتريون ڪهاڻيون ٻڌيون هيون تہ ڪيئن پاڪستان ۽ ڏکڻ ڪوريا پيچيده حلاتن ۾ پنهنجي ترقيءَ واري سفر جي شروعات ڪئي، 60 واري ڏهاڪي دوران شروع ڪيل ان سفر ۾ 20 سالن اندر پاڪستان اونداهي واري ماضي مان نڪري هڪ روشن حال ۾ پير پاتو ۽ ان ڏکڻ ڪوريا جي مقابلي ۾ دنيا اندر اقتصادي ترقي جو مثال قائم ڪيو ۽ حيثيت اختيار ڪئي. سموري دنيا ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي کي ساراهيو وڃي ٿو. ڪراچي جيڪو ان وقت گادي وارو هنڌ هيو ان کي سموري دنيا ۾ اڀرندڙ معيشت جو نمونو تصور ڪيو ويندو هو. ڪيترن ئي ملڪن پاڪستان جي معاشي منصوبہ بندي جي ساراهہ ڪئي، انهن ملڪن ۾ ڏکڻ ڪوريا بہ شامل هيو. ايئن چيو وڃي ٿو تہ ڏکڻ ڪوريا پاڪستان کان ”ٻئي پنج سالہ ترقياتي منصوبي“ ۾ مدد ورتي ۽ ان تي ايمانداريءَ سان عمل بہ ڪيو ۽ نتيجي ۾ ڏکڻ ڪوريا رياست هڪ اعليٰ صنعتي معيشت ۾ تبديل ٿي، انهيءَ جو ڪجهہ ڪيو اهو ئي حاصل ڪيو پر اسان کي حيرت ٿئي ٿي تہ اسان جي خيال ۾ ڏکڻ ڪوريا ان کان بہ وڌيڪ حاصل ڪري ورتو آهي.

جيئن ئي اسان جو جهاز انچيون ڏکڻ ڪوريا ۾ ليندنگ ڪئي تہ منهنجا سمورا شڪ شبها ختم ٿي ويا. هر شيءِ جو مشاهدو ڪيو تہ اسان کي تجربو ٿيو تہ رڳو ڏسڻ ۾ ئي خوبصورت ناهي پر هرشيءِ اسان جي ٻوليءَ جي مسئلي باوجود روانيءَ سان ڪم ڪري رهي هئي (مون کي محسوس ٿيو تہ ڏکڻ ڪوريا جي ماڻهن جو خيال آهي تہ ترقي ڪرڻ لاءِ انگريزي ٻولي جي ضرورت ناهي). ڪراچيءَ جي شهري جنهن اڌ صديءَ کان وڌيڪ زندگي ڪراچيءَ ۾ گذاري هجي ۽ شهر کي هڪ ”شهري دوزخ“ ۾ تبديل ٿيندي ڏسي ۽ اهو اوچتو هڪ ”شهري جنت“ ۾ داخل ٿئي، حقيقت ۾ اهو وڏو غير معمولي تجربو هو.

منهنجو يقين آهي تہ حد کان وڌيڪ شهريت وارو نظريو تباهي ۽ برباديءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي، اسان انسانيت جو وڏو حصو وڃائي ڇڏيون ٿا، جڏهن اسان پاڻ کي خوبصورت ٻهراڙي ۽ ان جي روايتن کي ڇڏي ڏيون ٿا، ڏکڻ ڪوريا جي شهرين منهنجي ان يقين کي غلط ثابت ڪيو، مان هتي خيالن ۾ گم هيس ۽ ’افراتفري ۽ انتشار“ کان ”نظم ۽ ضبط“ تائين منهنجو سفر نہ رڳو منهنجي لاءِ سبق هيو پر يقين ڏياري رهيو هو تہ ”نظم ۽ ضبط“ رڳو خيال ناهي پر ان کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.



*Gist Library*

مون کي اها خبر ناهي تہ دنيا جي يونيورسٽين مان گوانگ جو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنولوجي (GIST) جي درجہ بندي ڪهڙي آهي پر مون کي يقين آهي تہ اها هڪ اعليٰ يونيورسٽي هوندي، منهنجي ان راءِ کي حقيقت ان وقت ملي جڏهن مون آءِ ايس تي لائبريري جي داخلي دروازي تي ڪورين دانشورن ۽ شاگردن جي نالن ۽ انهن جي مقالن سميت ڪارڪردگين کي واضح طور تي لکيل ڏٺو، جي آءِ ايس تي لائبريري خود هڪ شاهڪار نظر اچي رهي هئي، جي آءِ ايس تي هڪ بهترين يونيورسٽي هئي، اسان پنهنجي ميزبانن سان گڏ جي آءِ ايس تي جي ڪلسٽر آف ڊوم بلاڪ جي ٻن بسترن واري هڪ اپارٽمنيٽ ۾ ترسيل هئاسين، سمورو علائقو منصوبہ بندي تحت تعمير ڪيل هو ۽ سرسبز هيو، هر بلاڪ جي داخلي حصي ۾ هڪ ڦوهارو لڳل هو، اسان کي اهو ڏسي حيرت ٿي تہ اسان جا ميزبان جڏهن بہ ٻاهر وڃن پيا تہ تالا نہ پيا لڳائين، انهن جو جواب هيو تہ ”هتي ڏکڻ ڪوريا ۾ اسان پاڻ کي مڪمل طور تي محفوظ محسوس ڪندا آهيون ۽ ڪو بہ هتان ڪا بہ شيءِ نہ تو کڻي سگهي“، ڪراچي ۾ شهري زندگي ذهني مريض بڻائي سگهي ٿي اهڙيءَ طرح سان ٻين سمورن سوالن جا جواب بہ اهڙي ئي نموني سان ڏنا ويا، اتي ڪڏهن بہ پاڻي يا گئس جو مسئلو پيدا نہ ٿيو ۽ نہ ئي بجلي جي لوڊشيڊنگ ٿي، عمارتن جي راهدارين ۾ لڳل بلب آءِ آر سنسر پروگرام، تحت لڳل هئا، ڪنهن بہ قسم جا بٽڻ لڳل نہ هئا ۽ نہ ئي توانائي جو زيان هو، حقيقت ۾ مون سمورين شين جو مشاهدو ڪيو، جيڪي بهتر منصوبہ بنديءَ تحت هيون، شهري گند ڪچري کي ٽن قسمن پلاسٽڪ، ڌات ۽ ڪاغذ وغيره ۾ وجهن پيا ۽ انهن کي ميونسپل جي مخصوص ڪيل گند پيٽين ۾ اڇلائين پيا، ايتري تائين جو مون ڏٺو تہ پاڻي پيئڻ لاءِ بہ پلاسٽڪ يا مهانگي ڪاغذن بجاءِ سادي ڪاغذ وارا گلاس استعمال ڪيا پيا وڃن، گهٽ ۾ گهٽ بوتل جو پاڻي يا پلاسٽڪ جي گهٽ مقدار کي مان زمين دوست چوان ٿو.

ٻئي پاسي منهنجي اڳيان اها ڳالهہ واضح ٿي تہ ڏکڻ ڪوريا جا ماڻهو اطلاع سميت لڏپلاڻ جي ذريعن جي اهميت کان بخوبي آگاهہ آهن جيڪو ترقيءَ جو بنياد آهي جيڪي قوم کي بهترين طريقي سان ڳنڍين ٿا انهن پنهنجي لاءِ بهترين ميٽرو، زير زمين ريلوي سسٽم سميت مڪمل ريلوي نيٽ ورڪ ڪاميابيءَ سان تخليق ڪيو (منهنجي خيال ۾ انهن جي مقامي طور تي نقشہ بندي ڪئي وئي آهي ۽ مقامي ماڻهن ئي تيار ڪيو آهي) ايئن بہ چيو ٿو وڃي تہ اتي دنيا جو بهترين انٽرنيٽ نظام آهي، سمورن عوامي هنڌن تي پلگ چارجنگ سان گڏوگڏ وائي فاءِ (WiFi) جي مفت سهولت موجود آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو تہ هر جڳهہ تي



ماحول دوستي واضح نظر اچي ٿي ۽ اهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انهن اوڀر جي روايتن ۽ اولهہ جي ترقي کي محتاط طور تي برقرار ڪيو آهي.

هڪ دفعو اسان ڪار رستي گوانگ جو کان اوڊائگبو ٻيٽ ڏانهن سير ڪرڻ لاءِ هڪ پاڻيءَ ۾ خوبصورت شهر سوسائٽي تائين سفر ڪيو ۽ اسان ڏٺو تہ هڪ شاندار انجنيئرنگ ۽ سائنسي نظام (ڪورين ٻوليءَ ۾ انگريزيءَ جي ترجمي سان لکيل هو) سان ٻي داغ روڊن ۽ رستن تي روڊ نيٽ ورڪ سسٽم تحت ٻهراڙين ۽ شهرن کي بنا ڪنهن نشانن جي ڳنڍڻ ڏاڍو مشڪل آهي، رهائشي علائقن ۽ روڊن وچ ۾ هڪ اوچي ديوار وسيلي رهائشي هنڌن کي گاڏين جي آلودگيءَ کان محفوظ ڪيو ويو هو، کليل زمين جبلن ۽ ماٿرين جي شاندار ترتيب ٿيل هئي، خوبصورت ماحول دوست منظر، جبل مڪمل طور تي سرسبز هئا ۽ ايئن محسوس ٿئي پيو تہ ڪيئن نہ بهترين طريقي سان جڻ جبلن تي شجرڪاري ڪئي وئي آهي، اسان کي سفر دوران ڪا بہ هڪ پٿريلي جابلو ٽڪري نظر نہ آئي پر منهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ اسان جو سمورو سفر اشتهارن کان خالي هيو، روڊن جي پاسن کان اشتهارن جي ڀرمار نہ هئي ۽ نہ ئي تڪليف ڏيندڙ هورڊنگز، اتي لنڪ روڊ هئا جيڪي جبلن ۾ سرنگن وسيلي ملايل هئا، ڪجهہ سرنگون تہ ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تي مشتمل هيون جيڪي منهنجي خيال ۾ انجنيئرنگ جو بيمثال نمونو هيو (منهن جي راءِ آهي تہ چترال کي روڊ رستي ملائڻ لاءِ لواري سرنگهہ جيڪا گذريل 50 سالن کان نامڪمل آهي ان جي تعمير مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪورين انجنيئرن کي گهرائڻ گهرجي) اتي مناسب مفاصلو طئي ڪرڻ بعد آرام ڪرڻ ۽ کائڻ پيئڻ لاءِ علائقا تيار ڪيا ويا آهن، اتي سياحتي هنڌن تي اسان خوشگوار وقت گذاريو ۽ اسان

کي مشهور لائيٽ هائوس ڏسڻ جو موقعو مليو.

هي رڳو ڀھراڙي جا علائقا نہ هئا جيڪي پرامن ۽ متاثر ڪندڙ هئا، پر شهرن ۾ ڳوٺن تائين رستا اهڙيءَ طرح بيداغ هئا جهڙي طرح موٽروي، اتي لاپرواهيءَ سان هلڻ لاءِ لاٿينون ( JAY WALKING) نہ هيون (هي نلاو شاندار زيبرا ۽ ريپبلڪن ڪراسنگ جي عظمت بچائڻ لاءِ ڏنو آهي) مون جهڙي ڪراچي واسيءَ لاءِ شهر جا روڊ ناقابل يقين هئا، روڊن تي ڪوبہ هارن جو آواز نہ هو. ڪڏا نہ هئا، اسپيڊ بريڪرن جو نلاو نشان نہ هو. ڪو بہ هُل هنگامو يا شور نہ هو. نہ ئي روڊن تي ڪيڏندڙ ٻار. ڪو بہ فقير نہ هو. نہ روڊن تي گندگي، نہ سامان سان ڀريل هيوي ڊيوٽي ٽرڪ. سمورا ٽريفڪ سگنل بهتر نموني سان ڪم ڪري رهيا هئا. اسان گوانگ جو ۾ ڪيترائي ڏهاڙا گذاريا پر اسان کي ڪٿي بہ پوليس وارو نظر نہ آيو. اسان کي خبر ناهي تہ اهي ڪيئن نظر ايندا آهن. مان گهڻي ڪوشش بعد هڪڙي ڏينهن ٻن ٽريفڪ پوليس اهلڪارن کي ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿيس، اتي اسٽريٽ ڪرائم ناهي شايد ان جو ڪارڻ اهو هجي تہ شهري علائقن جي نگراني سي سي ٽي وي ڪئميرا سان ٿيندي هجي. چا اسان وڏن وڏن روشني سان چمڪندڙ اشتهارن ڪانسواءِ شهر جو تصور ڪري سگهون ٿا. (ڏکڻ ڪوريا جي ماڻهن ايئن ڪيئن ڪيو. اهو ناقابل يقين جادو هيو) اسان ايل اي ڊي شهري سائن (قديم و متروڪ نيو سائن نہ) ڏٺا پر اهي بہ چمڪندڙ نہ هئا. جيئن آمريڪي شهرن جا ”نيون سائن“ هوندا آهن. شهري منظر نامو اڪثر شهري هجوم ۽ وڳوڙ جي مقابلي ۾ گهڻو پرامن هيو.

آرڪيٽيڪچر پرسڪون ۽ باوقار هيو. چاڪاڻ تہ اتي جي عمارتن تي اشتهارن جو ڪو بہ نقاب چڙهيل نہ هو. شهري نقشي جو معيار حيرت انگيز هو. مان اسٽين ليس اسٽيل جون بتيون ۽ نوس گرنيائيٽ جا اسٽريٽ فرنيچر ڏسي ششدر ٿي ويس ايٽريٽائين جو سنيلاڻ وارا پٿر بہ گرنيائيٽ وسيلي تراشيل هئا.

اسان جي پهچڻ تي اسان کي انچيون ايئرپورٽ کان اسان جي منزل گوانگ جو تائين بس جي سفر جو تجربو ٿيو. اهو ايئن ئي آرامده هيو جيئن تہ هوائي جهاز جو سفر. اتي هر هڪ بس سروس لاءِ ايئر ڪنڊيشنڊ انتظار گاهہ ۽ ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ خودڪار مشينون لڳل هيون ۽ تقريباً 5 ڪلاڪن جو سفر سڪون سان مڪمل ٿيو. بنا جهٽڪن جي چڻ جهاز ۾ سفر ڪري رهيا آهيون. مان عجب ۾ پئجي ويس تہ جيڪڏهن اسان جي شهرن ۾ عوامي سفر جو بهتر نظام هجي تہ چا اسان کي ذاتي ڪار يا گاڏي جي ضرورت پوندي؟ جيڪي سڀ کان



*Author with South Korean Elder*

گهڻي آلودگي پيدا ڪن ٿيون.

ڏکڻ ڪوريا جي ماڻهن بابت منهن جو سراسري تاثر اهو آهي تہ اهي هڪڙي ئي وقت گهڻو مغرور يا نرم طبيعت وارا آهن. انهن جي شخصيت ۾ انڪساري ۽ نرمي ساراهہ جوڳي آهي، جڏهن ماڻهو بغير ڪنهن سبب جي توهان سان مسڪرائن تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهي نہ رڳو خوش آهن پر خوشين کي سماج ۾ وکيرين ٿا. ايئن تصور ڪرڻ اسان لاءِ مشڪل هجي پر جنوبي ڪوريا جي ماڻهن لاءِ چڻ تہ اهو مذهبي فرض جيان آهي. ٻولي جي مسئلي باوجود ماڻهو مدد ڪرڻ لاءِ آتا هئا. لباس ۽ اخلاق بهترين هئو. اسان ڪيترين ئي مني اسڪرٽ ۾ اگهاڙين ڄنگهن جو مشاهدو ڪيو پر اسان کي ڪا بہ فحاشي نظر نہ آئي جنهن تحت يورپي شهرن ۾ بہ ڪنهن سان واسطو پئجي سگهي ٿو. روڊن جي پاسن ۾ ڪنهن بہ قسم جي بي حيائي ناهي. اهي رڳو دوستي ۽ نرم طبيعت رکندڙ ماڻهو آهن.

ڏکڻ ڪوريا ۾ هڪڙي ئي پريشاني هئي جيڪا هئي حلال کاڌي حاصل ڪرڻ جي پر اسان انهن جي سامونڊي فوڊز (مڇي ۽ جهينگا وغيره) جو ذائقو ضرور ورتو. کاڌا معياري هئا پر اسان ”ڪم چي“ کان گهڻو متاثر ٿياسين. هي هڪ قسم جو آچار (ڪٺاڻ) آهي جيڪو اتي هر کاڌي سان پيش ڪيو پيو وڃي. فرش تي ويهي کاڌو کائڻ بهترين تجربو هو. جيڪو منهنجي خيال ۾ ڪنهن مذهبي عقيدي تحت نہ پر انهن جي روايت آهي.

چاڪاڻ تہ ڏکڻ ڪوريا جا ماڻهو زمين سان پيار ڪن ٿا. مذهب انهن جي خيال ۾ ضروري ناهي. ان لاءِ خانداني يڪجهتي، وڏڙن لاءِ



تعظيم ۽ پائي بندي مقدس آهي، اهي ڪنهن به تعصب کان پاڪ آهن، مون اتي ڪو به سماجي فرق محسوس نہ ڪيو، توهان پنهنجي ڪارڪردگي ۽ ڪردار تحت سڃاڻپ ڪرائي سگهو ٿا. منهنجي خيال ۾ اها هڪ سماجي اڳيرائي آهي.

جيستائين انهن جي فخر جو تعلق آهي اهو انهن جي ڪارڪردگي ۽ انهن جي مصنوعات ۾ واضح طور تي نظر اچي ٿو، ٻهاريدار کان وٺي دفتري بابو تائين ۽ اعليٰ انتظامي عهديدارن کان وٺي واپارين تائين سيئي پنهنجا فرض ذميواريءَ سان ادا ڪن ٿا. جيڪڏهن انهن وٽ ڪونيڪ مقصد هجي، اهي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ مهارت رکن ٿا. وڏن ۽ شاندار شاپنگ ملان ۾ بين الاقوامي برانڊ جي وڏي کيپ موجود هئي، پر مون کي ٻڌايو ويو تہ انهن کي مقامي طور تي تيار ڪيو ويو آهي، هر بين الاقوامي مصنوعات کي اهي مقامي طور تي تيار ڪرڻ کي اوليت ڏين ٿا. مقامي طور تي مصنوعات تيار ڪيو، مقامي مصنوعات خريد ڪيو ۽ پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪيو اها انهن جي عظيم سوچ آهي، منهنجو اباڻو شهر ڪراچي جاپاني ڪارن جي نمائش گاهہ طور ڏيک ڏئي ٿو (لڪين ٽوئٽا ۽ هنڊا ڪارون ڪراچي جي روڊن رستن تي موجود رهن ٿيون) ڏکڻ ڪوريا ۾ هڪ بہ جاپاني ڪار نظر نہ آئي، جڏهن تہ جاپان ڏکڻ ڪوريا جي بلڪل ويجهو آهي، سموريون ڪارون، مصنوعات ۽ اليڪٽرانڪ شيون مقامي طور تي تيار ڪيون وڃن ٿيون، مون کي ڪٿي بہ بي ايم ڊبليو، آمريڪن يا يورپين ڪار نظر نہ آئي پر 99 سيڪڙو گاڏيون يا ڪارون مقامي برانڊ هينڊائي، ڊائي هاٽسو يا سام سنگ ڪارون نظر آيون، ننڍي ڪار کان وٺندي سپر لگزري ماڊل جون سموريون ڪارون مقامي هيون، ڪنهن قسم جي در آمدات نہ پر برآمدات مٿان زور نظر آيو، اهو آهي ڏکڻ ڪوريا جي ماڻهن جو فخر.

ڏکڻ ڪوريا جا ماڻهو پنهنجي قيادت، زبان ۽ ثقافت تي فخر ٿا ڪن، جنهن جو اهي باقائده جشن بہ ملهائيندا آهن، انهن کي فخر آهي تہ سندن زبان چيني يا جاپاني ٻولين کان الڳ سڃاڻپ رکي ٿي ۽ هڪ الڳ ٿلڳ ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي، انهن جو لباس مخصوص اولهہ جي طرز وارو يا ايئن چئجي تہ



*Author (Mid) with locals in Chuseok Festival*

اهو علامي آهي پر انهن پنهنجي ثقافت جو جشن ملهائڻ لاءِ هڪ الڳ مرڪز قائم ڪيو آهي، جڏهن اسان جيان جو هونوڪ ڳوٺ جو سير ڪري رهيا هئاسين ته ان وقت اسان وٽ اهو موقعو هو ته انهن جي غير معمولي ثقافت جو مشاهدو ڪيون. اها شاندار ثقافتي ورثي جي جڳهه ”جيان جو“ شهر جي ڏکڻ ۾ موجود آهي، اتي سوين ڪورين هنوڪ ماڳن کي محفوظ ڪيو ويو آهي ۽ سياحن توڙي مقامي ماڻهن لاءِ ان جي تمام گهڻي سنڀال ڪئي وڃي ٿي، ان هنڌ کان سواءِ باقي سمورو شهر صنعتي يافته آهي، هنوڪ وليج پنهنجي تاريخي حسن ۽ روايتن کي برقرار رکيو آهي، اها اسان جي خوشقسمتي هئي ته اسان سال جي تمام وڏي تهوار واري ڏينهن ”چوسيوڪ موڪلن“ جي موقع تي پهتاسين جيڪا اسان لاءِ هڪ يادگار ثقافتي دعوت بڻجي وئي. ماڻهن جو وڏو تعداد خوبصورت روايتي لباس ۾ ”جشن پوشاڪ“ ملهائي رهيو هو، رنگ برنگي خوش نما لباس ۾ ماڻهو خوش نظر اچي رهيا هئا، زبردست قطارون هيون، اسان شاهي محل به ڏٺو جتي هٿن وسيلي تصوير ڪشي ٿيل روايتي ڪاٺ جو شاندار آرڪيٽيڪچر جو نمونو هيو، جنهن جي چئني پاسن کان خلاي جڳهه هئي.

ڏکڻ ڪوريا جا ماڻهو انساني دماغ ۽ جسم تي ٻاهرئين ماحول ۽ قدرت جي معجزن وارن اثرن کان واقف آهن، ملڪ ۾ سار سنڀال سان گڏ ماحول دوست سوين بهترين سياحتي هنڌ، سمنڊ، نيشنل پارڪ، جيو (ايڪو) پارڪ ۽ تفريحي توڙي پڪنڪ هنڌن جي نشاندهي ڪئي وئي اهي، چاڪاڻ ته اسان جو اهو تفريحي دورو تمام ٿورڙو هيو ان ڪري اسان رڳو هڪڙي موڊيونگ سان مائونٽين نيشنل پارڪ جيڪو گوانج جو جي ويجهو جيو لائم ڊو ۾ موجود آهي، جنهن جي سنڀال حڪومت ڪندي آهي، سموري علائقي ۾ ڏو ٻُڌ مندرن سميت ٻين ثقافتي ورثن جي هنڌن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، اهي علائقا ناقابل يقين حد تائين صاف سٿرا آهن ۽ اتي مقامي سياحن جي اچ وڃ گهڻي آهي.


جيڪڏهن ڪنهن کي ڏکڻ ڪوريا ۾ گوانگ جو وڃڻ جو موقعو ملي ته انهن کي منهنجي صلاح آهي ته اهي گوانگ جو ميوزيم آف سائنس اينڊ ٽيڪنولوجي ڏسڻ نه وسارين، جيڪو شاهڪار اداري کان به اڳتي ڪاشيءِ آهي، اتي اسان هر عمر جي ٻارن ۽ وڏن جي مشينن ۽ گيجٽ سان لطف انگيز وقت گذاريندي ڏٺو، راند روند ۾ تعليم، هتي ڪنهن به شيءِ بابت وڌيڪ ڪجهه سکي سگهجي ٿو.

اسان ڏکڻ ڪوريا وڃڻ لاءِ هزارين ميل سفر ڪيو، اسان اڪثر ڪري سيئول کان پري ڏکڻ ۾ رهياسين تنهن هوندي به اسان سيئول جي بلند ترين عمارت ”سين ٽاور“ ڏسڻ جو انتظام ڪيو، اهو هڪ بهترين سياحتي ماڳ هو، اسان کي ايئن محسوس ٿئي پيو ته جيئن اسين ڦوڪٽي ۾ اڏامندي سيئول شهر جو نظارو ڪري رهيا آهيون، اسان خوش قسمت هئاسين جو ان دوران ڪو به ناخوشگوار واقعو پيش نه آيو.

ڏکڻ ڪوريا ۾ اسان 15 ڏينهن کان به گهٽ رهياسين پر اتان اسان تمام گهڻو سکياسين، نظم ۽ ضبط گهڻو ڏٺو ۽ اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي، مان اڄ به ڏکڻ ڪوريا جو ديوانو آهيان.



# واٽر ڪميشن رپورٽ جا اهم نقطا




1. سنڌ جي پيئڻ واري پاڻي جي ذريعي سنڌو درياهه ۾ ان مان نڪتل گدو بيراج کان ڪوٽڙي تائين ميونسپل ۽ صنعتي گندگيءَ تحت آلودو ڪيو ٿو وڃي، ذميوار ادارا نه ئي گندي پاڻيءَ جو رخ تبديل ٿا ڪن ۽ نه ئي ان گندگي کي آبي ذريعن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ صاف ڪرڻ تي ڌيان ٿا ڏين.
2. سنڌ جي شهري مرڪزن ۾ ڪيترائي پاڻي صاف ڪرڻ جا پلانٽ موجود آهن پر اهي ناڪاره ٿي چڪا آهن، پاڻي صاف ڪرڻ واري گاد ۽ تلڇٽ دور ڪرڻ واري ٽينڪ ڪلورين، ڪاري پاڻي کي منو بڻائڻ لاءِ اوزار ۽ ليبارٽري وغيره سرڪاري آفيسرن جي بدعنواني جي ڪري غير فعال آهن، ان ڪري شهرين کي پاڻي ڏيڻ کان اڳ ان ۾ شامل صحت کي نقصان پهچائيندڙ جزن ۽ نوس گندگي کي گيسن وسيلي پاڻي کي صاف نه ٿو ڪيو وڃي، آلودو پاڻي درياهه ۾ بي آبي حيات جي قدرتي نظام کي نقصان رسائي ٿو.
3. سنڌ حڪومت پاڪ اوسس (Pak Oasis) پاران فراهم ٿيندڙ پاڻي جي مقدار ۽ معيار کان بي خبر آهي، واضح رهي ته حڪومت گذريل چئن کان پنجن سالن جي عرصي ۾ علائقي ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ آر-او پلانٽ تعمير ڪرڻ لاءِ پاڪ اوسس ڪمپنيءَ کي اربين رپين جا ٺيڪا ڏئي چڪي آهي، اهو تصور نه ٿو ڪري سگهجي ته خاص ڪارڪردگيءَ جو شعبو، سنڌ ڪول اٿارٽي ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ انهن آر او پلانٽن کان حاصل ٿيندڙ پاڻي عالمي صحت پاران اداري جو مقرر ٿيل پاڻي جي معيار کان واقف نه هجن، اهڙين دعوائن جي تصديق لاءِ پاڻي کي ليبارٽري ۾ جانچڻ ۽ ماپڻ گهرجي.
4. پبلڪ هيلٿ اينڊ انجنيئرنگ کاتي سنڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ڪانسواءِ پاڻي جي فراهمي واريون اسڪيمون تيار ڪري ٿو ان بعد اهي اسڪيمون ميونسپل ڪارپوريشن جي حوالي ڪيون وينديون آهن جن وٽ انهن جي سار سنڀال ۽ مرمت لاءِ ٽيڪنيڪل صلاحيت ناهي هوندي ۽ نتيجي ۾ اسڪيم



5. سار سنڀال ۽ مرمت کان غفلت سميت مشينري وسيلي ناڪاره نظام کي هلائڻ جي ڪري پاڻيءَ جو سخت بحران پيدا ٿي رهيو آهي، بحران جي ٻين سببن ۾ پاڻي جي چوري، غير قانوني هائيڊرنٽ، منصوبه بنديءَ کان سواءِ وڏين عمارتن جي تعمير ۽ ادارن جي نااهلي شامل آهي.
6. انهن شهرن ۾ جتي پاڻي جر وسيلي استعمال ڪيو وڃي ٿو، مثال طور شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو، گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام نه هجڻ، گندگي کي واهن ۾ وجهڻ، زراعت ۾ زهريلي ڪيميڪل جي پاڻي ۽ گندن نلان تي قبضن سبب معياري پاڻي نه ٿو ملي سگهي.
7. ڊرينيج واري پاڻي جو نيڪال حڪومتي ترجيح واري لسٽ ۾ شامل ناهي، ايسيٽائين جو وڏن شهرن ۾ به ڊرينيج جي پاڻي جي نيڪال جو ڪو اثرائتو نظام موجود ناهي، جنهن ڪري پاڻي جي فراهمي ۽ ڊرينيج جي پاڻي جي نيڪال وارو نظام نااهليءَ جو شڪار ٿي ويو آهي، جڏهن ته ننڍا شهر نظام نلاي ڪنهن به شيءِ کان وانجهيل آهن.
8. رپورٽ مطابق سنڌ تحفظ ماحولياتي ايجنسي (SEPA) جا منعقد ٿيل اجلاس ۽ مسئلن جي حل جي باوجود نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا آهن، اهو اسپتالن جي انسي نيٽرز منصوبن ۽ صنعتي گندگي کي صاف ڪرڻ وارن پلانٽن کي ڪارگر بڻائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي، ان کي ضلعي سطح تي ورهائڻ گهرجي ۽ انهن کي ڪم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اختيار ڏيڻ گهرجن.
9. نارٿ سنڌ اربن سروسز ڪارپوريشن (NSUSC) صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ گندگي سميت زهريلي پاڻي کي مناسب طريقي سان اڇلائڻ يا ٺڪاڻي تي لڳائڻ واري بنيادي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي، ان جي منصوبن، نقشن، لاڳت، خاڪن ۽ انجنيئرنگ تي عمل ڪرڻ کان اڳ يا بعد ۾ جاچ پڙتال نه ٿي ڪئي وئي، ملاياتي ۽ انساني وسيلن جي بدانتظامي پڻ ان بحران جو اصلي سبب آهي.
10. نارٿ سنڌ اربن سروسز ڪارپوريشن، ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ صاف پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي فرض لاءِ هڪ ٻئي مٿان الزام لڳائين ٿا، جنهن ڪري بدانتظامي پيدا ٿئي ٿي.
11. سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع تحت لوڪل ڪائونسلن (ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، يونين ڪميٽي يا يونين ڪائونسل کي صاف پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي سسٽم کي بهتر بڻائڻ ۽ نيڪال واري پاڻي لاءِ اثرائتو نظام قائم ڪرڻ لاءِ انهن کي فرض سونپيا ويا آهن تنهن هوندي به نگراني سنڌ حڪومت ڪندي ۽ گهربل نتيجا يا معيار نه ملڻ جي صورت ۾ انهن ذميوارين کي خود وٺي سگهي ٿي، تحقيق کان بغير سرڪاري فنڊ جي باقائده استعمال جي لاءِ انهن اختيارن مٿان ناهي پاڙيو ويو.

12. پاڻي جي منصوبن جي ناڪامي جي سببن معلوم ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ گهربل پاڻي جي ڪوٽ جي موجوده انفرا اسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ بغير نون منصوبن جي منظوري ڏني وئي، جنهن تي غلط نموني سان عمل ٿيڻ جي ڪري گهربل نتيجا حاصل نه ٿي سگهيا.

13. رائيٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين ii، رائيٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين i ۽ iii مان خارج ٿيندڙ گندي پاڻي کي حاصل ڪرڻ واري مقصد لاءِ ڊزائن ڪيو ويو هو ته جيئن منڇر ڍنڍ کي آلودگيءَ کان بچائي سگهجي پر سرڪاري آفيسرن جي بدعنوانين جي ڪري منصوبو التوا جو شڪار آهي.

14. سرڪاري کاتن جي ذمي پاڻي ۽ نيڪال واري گندگي، پاڻي جا غير معمولي بل پڻ منصوبن ۾ رڪاوٽ جا سبب بڻجي رهيا آهن.

واٽر ڪميشن جي رپورٽ جي ڪجھ نقطن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙيءَ طرح بي حس رويا اختيار ڪيا ويا آهن جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي لاءِ ڪيترن ئي علامي معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون آهن ۽ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين تحت شهرين جي بنيادي حقن مان هڪ آهي.

پاڻي ۽ گندگي جي نيڪال واري بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت کي لازمي طور تي پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال واري نظام کي درست ڪرڻو پوندو، ان سان گڏوگڏ تعمير ٿيندڙ منصوبن جو به گهرائيءَ سان مشاهدو ڪرڻو پوندو، وڏيڪ اهو ته K-IV (260 MGD) جي منصوبي کي منظور ۽ نافذ ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪراچي واسين کي پاڻي جي گهرج ۽ فراهمي جو فرق گهٽ ٿي سگهي پر اهو سڀ ڪجھ پاڻي جي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪافي ناهي.


پاڻي کي صاف ڪرڻ بنا فراهم ڪرڻ واري عمل کي ڏوهه قرار ڏئي سزا جو معيار مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي چڪاس لاءِ ضلعي سطح تي پاڻيءَ جون ليبارٽريون قائم ڪيون وڃن جيڪي هر هڪ علائقي ۾ لڳاتار پاڻي جي معيار کي پرکي سگهن.

سنڌ اسان جو صوبو آهي، اسان گڏجي پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪيون، چاڪاڻ ته پاڻي سمورين ضرورتن مان بنيادي ضرورت آهي.



# حيدرآباد ۾ مقامي حڪومت جو نظام-شهري پاران ورڪشاپ

شهري رپورٽ




فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي سهڪار سان شهري سي بي اي پاران انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ 23 اپريل 2017ع تي ”مقامي حڪومت جو نظام“ جي عنوان سان هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو.

ان ورڪشاپ جو بنيادي مقصد 13 لک، 80 هزار جي آباديءَ واري شهر جي پلاٽيءَ لاءِ سمورن ماڻهن کي سنڌن نظرين ۽ حڪمت عملي جي اجازت ڏيڻ هئي.

حيدرآباد جي مقامي حڪومت جو نظام وفاقي ۽ سنڌ حڪومت بعد ملڪ ۾ سياسي حڪمرانيءَ جو ٽيون نظام آهي، سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع مطابق حيدرآباد جي مقامي حڪومت حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي انتظام هيٺ ڪم ڪري ٿي.

شهري سي بي اي جي ڪوآرڊينيٽر سرور خلاد ورڪشاپ جي مقصدن کان آگاهه ڪيو ۽ آيل سمورن شهرين کي ڀليڪار ڪئي ۽ سمورن آيل ماڻهن جو تعارف ڪرايو، ان بعد ايڊووڪيٽ ايم پرڪاش منٽاڻي کي مقامي حڪومت سان لاڳاپيل شهرين جي اميدون ۽ تجويزون پيش ڪرڻ لاءِ گهرايو.

ميونسپل ٽريننگ اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ سنڌ حڪومت جي پرنسپال وقار سليم بيگ کي لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع ۽ مقامي حڪومت جي نظام جو تاريخي جائزو واري عنوان تي ڳالهائڻ لاءِ دعوت ڏني وئي.

مقالا پيش ڪرڻ بعد مهمان خاص ايم پي اي جناب صابر قائمخاني کي سرور خلاد تقرير ڪرڻ جي دعوت ڏني.

ايم پي اي چيو ته ”پاڪستان ۾ مقامي حڪومت کي مناسب اختيار نه ڏنا ويا آهن جنهن ڪري اهي ادارا بي اثر بڻجي ويا آهن، ان ڪري هيٺئين سطح تي حالتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته مقامي حڪومتن کي اختيار ڏنا وڃن. مختلف شعبن، شهري، سول سوسائٽي، انتظاميا، سياسي پارٽين جي اڳواڻن، علمي ۽ ميڊيا سان تعلق رکندڙ 36 شخصيتن ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي.

شهري سي بي اي جي ڪوآرڊينيٽر سرور خلاد آيل سمورن ماڻهن جو ٿورو مڃيندي تقريب کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

# ڪي اليڪٽرڪ ۽ نيٽ مانيٽرنگ

شهري رپورٽ


پاڪستان اڃا تائين بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪوئلي ۽ ٻين آلودگي پيدا ڪندڙ ٻارڻ وسيلي بجلي حاصل ڪري رهيو آهي، ماحولياتي خدشا حڪومت کي نظر نٿا اچن ۽ نه ئي ٻين واضح امڪانن تي غور ڪري ٿي. جڏهن ته اسلام آباد ۽ لاهور ۾ ڪجهه عمارتون ان سهولت مان فائدو حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيون آهن. جڏهن ته باقي ملڪ کي ان باري ۾ اونداهيءَ ۾ رکيو ويو آهي.

نيٽ ميٽرنگ انهن ماڻهن کي جيڪي سج وسيلي بجلي حاصل ڪري رهيا آهن، بچيل بجلي کي ڏيڻ جي قابل بڻائين ٿا جنهن جي ڪين ادائيگي به ڪئي ويندي آهي، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته بجلي جا ميٽر نه رڳو استعمال ڪئي ويندڙ بجلي ريڪارڊ ڪندا آهن، پر ڪيتري بجلي گرڊ ۾ واپس وئي، ان جو به رڪارڊ رکيو وڃي ٿو ۽ صارف رڳو يونٽن تائين بجلي جي ادائيگي ڪندو جيڪي ان فرق تحت بچن ٿا، ان ڪري ٻئي ڊريون بجلي پيدا ڪندڙ صارف ۽ تقسيم ڪندڙ ڪمپني، انهيءَ اسڪيم مان فائدو حاصل ڪنديون.

نيپرا جي نوٽيفڪيشن ايس آر او 2015/892 (1) بجلي فراهم ڪندڙ ڪمپنين جي لاءِ طريقه ڪار کي مشروط ڪري ٿو ته صارف لاءِ جيڪو شمسي نظام، لڳائي ٿو ۽ نيٽ ميٽرنگ جي سهولت فراهم ڪري.

ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي سخت کوٽ کي نظر ۾ رکندي ان موقع مان نه رڳو فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي، پر ان تي ڌيان ڏيڻ به گهرجي پر ڪي اليڪٽرڪ ٻئي رستي ڏانهن واڃهائي رهي آهي، ڇا ڪي اليڪٽرڪ خواب کان ٻاهر حقيقي ماحول ۾ اک کوليندي شمسي توانائي وسيلي بجلي پيدا ڪندڙ سمورن صارفين کي ريورس ميٽرنگ جي سهولت فراهم ڪندي.

**نيٽ ميٽرنگ ڇا آهي؟**
نيٽ ميٽرنگ سسٽم هڪ بلنگ ميڪينزم آهي، جيڪو سج وسيلي پيدا ٿيندڙ بجلي جي نظام جي ملاڪن پاران نيشنل گرڊ ۾ بجلي شامل ڪرڻ جي تور تڪ ڪري ٿو، مثال طور هڪ رهائشي صارف گهر جي ڇت تي پي وي سسٽم لڳل آهي ۽ اهو نظام گهر کي گهربل بجلي کان وڌيڪ بجلي پيدا ڪري سگهي ٿو ته اها بجلي نيشنل گرڊ ۾ ويندي جنهن کي نيٽ ميٽر وسيلي ڪريڊٽ ڪيو ويندو.



# بهتر شهر، حڪمرانيءَ لاءِ شهرين کي اختيار ڏيو! يو ايس ايڊ پروجيڪٽ

شهري رپورٽ



ڪهڙي شيءِ شهري حڪومت کي قابل اعتماد ۽ بهتر بڻائي؟ جنهن جو ڪو بہ هڪ جواب ناهي ۽ نہ ئي ڪو هڪ سڌو رستو آهي، ڪامياب روڊ ميپ لاءِ توهان ان سوال بابت ڪو بہ خاڪو تيار ڪري سگهو ٿا، ڪيترن ئي نظرين تي مشتمل ڪيترائي رستا گڏيل طور تي متفق ٿين ٿا تہ جيئن هڪ اهڙي شهري حڪومت ٺاهي سگهجي جيڪا حقيقي معنيٰ ۾ شهرين جي ضرورتن کي محسوس ڪندڙ هجي ۽ بهتر انداز ۾ ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ بہ هجي شهري حڪومت جي هڪ خاصيت اها بہ آهي تہ اها شهر جي سرپرستيءَ جو ڪردار بهتر انداز ۾ نڀائي سگهي ٿي ۽ شهرين سان روزانو جي بنياد تحت رابطو ڪري سگهي ٿي.

گڏيل طور تي اهڙو رشتو قائم ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ شهري ان باري ۾ سٺي ڄاڻ رکندڙ هجن تہ شهري حڪومت ڪهڙي طرح سان پنهنجا فرض ادا ڪري ٿي، قانون سازيءَ جو طريقہ ڪار ڪهڙو آهي ۽ اداره جاتي فريم ورڪ ڪيئن آهي، ڪارڪردگيءَ جو معيار ڪهڙو آهي، سماجي احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ طريقہ ڪار ڪهڙو آهي وغيره. اهڙي طرح سان شهري حڪومت شهرين جي خدمتن جي لاءِ سيڙپڪاري ڪري ٿي تہ جيئن شهرين جو اعتماد حاصل ٿي سگهي ۽ گڏيل طور تي واضح ڪيل نمونن طرف قدم وڌائي سگهجي.

شهرين ۽ شهري حڪومت وچ ۾ ان رابطہ جي خال کي پُرڻ لاءِ يو ايس ايڊ اسمال گرانٽس ۽ ايمبيسڊر فنڊ پروگرام جي سهڪار سان شهري سي بي اي جي تجويز ڪيل تحريڪ ”بهترين شهري حڪمراني جي لاءِ شهرين کي اختيار ڏيو“ وسيلي پورو ڪيو ويندو، ان پروجيڪٽ وسيلي شهري سي بي اي جو مقصد شهري حڪومت ۽ ان جي مختلف اسٽيڪ هولڊرز جي وچ ۾ اثرائتي ۽ بامقصد رابطي کي يقيني بڻائڻ آهي، هڪ شهري حڪومت ڪتابڙي، ويب پورٽل، ايڪوئپمينٽ ۽ موبائل فون جون درخواستون سرڪاري آفيسرن جي صلاح مصلحت تحت ان کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ شروع ڪئي وينديون.





## سرڪاري آفيسرن سان منعقد صلاح مصلحت/ اجلاس جون جھلڪيون

20 اپريل 2017ع: شھري سي بي اي پاران منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ، ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ملير جي (25) آفيسرن شرڪت ڪئي.

30 مارچ 2017ع: شھري سي بي اي پاران منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ماسٽر پلان ڊپارٽمينٽ سان لاڳاپيل (18) سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

28 مارچ 2017ع: شھري سي بي اي پاران منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن سائوٿ ۽ ايسٽ جي (23) آفيسرن شرڪت ڪئي.

27 اپريل 2017ع: سي بي اي پاران منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ ڪراچي جي شھري ۽ ضلعي حڪومت جي (25) چونڊيل سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

### ايڪوميپ، ويب پورٽل، موبائل درخواستون ۽ هينڊ بڪ شهري سي بي اي ڪراچي تي هڪ جامع ويب پورٽل

"www.hamarikarachi.com" تيار ڪري رهي آهي ته جيئن ڪراچي جي شھرين کي هڪ احتساب جي قابل مقامي حڪومت جي ترغيب ڏيڻ لاءِ متحرڪ ڪيو وڃي.

ڪراچي جي ماڻھن جي شڪايت ۽ عطين جو ريڪارڊ رکڻ لاءِ ايڪوميپ تياري جي مرحلي هيٺ آهي جيڪو پروجيڪٽ جي اٺين مهيني (جولاءِ 2017) تائين مڪمل ٿيندو، بئي پاسي آگسٽ ۾ هيڪا ٿون (Hecicathon) موبائل فون/ريپبليڪيشن تيار ڪندو.

جڏهن ته شھري حڪومت سان لاڳاپيل ڪتابڙو سيپٽمبر 2017ع ۾ شايع ڪيو ويندو ته جيئن شهري حڪومت جي فرضن متعلق معلومات کي يقيني بڻائي سگهجي.

پروجيڪٽ پنھنجي مدت نومبر 2017ع ۾ مڪمل ٿيندو.

# ڪراچي يونيورسٽي ۾ وڻڪاري

شهري رپورٽ

شهري سي بي اي پاران 12 اپريل 2017ع تي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سماجي پلاٽي (سوشل ورڪ) ۽ عورتن جي علم (وومئن اسٽيڊيز) جي شعبن جي سهڪار سان (30) ڪچنار جا وڻ (Orchid Trees) لڳايا ويا.

ڪراچي يونيورسٽي جي شعبي سماجي پلاٽي جي نامور پروفيسر ۽ شعبہ عورتن جي علم جي لاءِ عظمت جو نشان نسرين اسلم شاهہ پڻ وڻ پوکڻ جي مهم ۾ شهري سي بي اي جي مدد ڪئي.

آخري سال جي شاگرد عرفان غفار پڻ وڻڪاري مهم ۾ ڪوآرڊينيٽر جي حيثيت سان مدد ڪئي.







# شهري ـ بهتر ماحول لاءِ شهري

## تعارف

شهري-سي بي اي (شهري بهتر ماحول لاءِ شهري) ڪراچي ۾ قائم هڪ رضاڪاراڻ تائيدي گروهه آهي جنهن کي حساس ۽ همدرد شهرين 1988ع ۾ قدرتي ماحول جي تباهي ۽ ڪيس ڀيهر تعمير ڪرڻ جي متعلق پنهنجا خدشا اجاگر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو هو.

شهري غير قانوني تعميرات، درجه بندي جي خلاف ورزين ۽ ان سان لاڳاپيل علامتون مثال طور گندي پاڻي جي نيڪالي، ناجائز اڏاوتن، پارڪنگ ۽ انفرااسٽرڪچر سان نمٽڻ تي خصوصي زور ڏئي ٿو. شهري-سي بي اي باقاعده ادارن ۽ حڪومتي ايجنسين جي نگراني ڪري ٿو ۽ سول سوسائٽي جي ائين ئي ڪرڻ لاءِ حوصله افزائي ڪري ٿو.

## ڪاميابيون

سنڌ سينئر سٽيزن ويلفيئر بل 2014 جي منظوري، ڪلفٽن روڊ جا اعلان ڪيل روڊ ويڪرا ڪرڻ جي جڳهه تي گلاس ٽاور جي غير قانوني اڏاوتن جو انهدام.

منگهوپير روڊ تي گٽر باغيچي جي 480 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ. هي لياري جي گهٽ آمدني واري گنجان آباد علائقي جي جنهن ۾ تقريبن 10 لک ماڻهو رهائش پزير آهن سيني کان وڏي کلي تفريحي جڳهه آهي.

ڪراچي ڪو-آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي يونين ۾ ڪڊني هل پارڪ جي 62 ايڪڙ ايراضي بشمول ڪي ڊبليو ايس بي جي اعلان ڪيل تنصيبات جي 18 ايڪڙ ايراضي جو تحفظ.

ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ڪي بي سي اي) جي نگران ڪميٽي ۽ هڪ عوامي معلوماتي ڪائونٽر جو قيام.

ڪراچي ۽ سنڌ ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 11 ۽ سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي 15 بس ڊپوئن جي ڪمرشلائيزيشن ۽ وڪري کي روڪرائڻ. اڄ ڪلهه هي پلاٽ سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي بين الشهر بسن جي اڏن ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل ٻين سرگرمين لاءِ استعمال ڪري رهي آهي.

لائنز ايريا ڪراچي ۾ راند جا ميدان (ميڪرو) ويب گرائونڊ جو تحفظ.

باغ ابنِ قاسم ڪلفٽن جي رفاهي پلاٽ ۾ ڪوسٽالينا اپارٽمينٽ جي ڍانچي کي ڊاهڻ. سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي هاڻ هتي هڪ پارڪ ٺاهي ڇڏيو آهي.

لاهور ۾ ڊونگي گرائونڊ پارڪ/راند جي ميدان جي ڪمرشلائيزيشن جي روڪٿام.

لاهور بچاءُ تحريڪ جي هڪ حصي طور تي ڪينال بينڪ توسيع منصوبي سان ٿيڻ واري نقصان جي مقدار کي گهٽ ڪرڻ.

ڪوئيٽه ۾ زلزلي جي جهٽڪي کان بچاءُ جي تعميراتي قانون جي ڀيهر توثيق.

شهري-پوليس گڏيل عمل ۾ شرڪت، انساني حقن جي خلاف ورزين ۽ پوليس اصلاحن تي سموري پاڪستان مان تقريبن 1600 پوليس اهلڪارن جي تربيت.

گذريل سالن ۾ مسلمه ماحولياتي خلاف ورزين سان لاڳاپيل مقدمن ۾ شهري جي ماهراڻه خدمتن کي اعليٰ عدالتن تسليم ڪيو آهي ۽ اُن کي (aimicus curiae) ”عدالت جو دوست“ جي خطاب سان نوازيو آهي.

## هدف/مقصد

هڪ آگاهه ۽ باعمل سول سوسائٽي، سٺي حڪمراڻي، شفافيت ۽ قانون جي حڪمراني جو قيام.

سرڪاري پاليسين جي اثر ۽ انهن تي تحقيق، دستاويزي بنائڻ ۽ مڪالمه ڪرڻ کي واڌارو ڏيڻ.

هڪ موثر ۽ نمائنده مقامي حڪومت جي نظام کي مستحڪم ڪرڻ.

ڪراچي شهر لاءِ هڪ نمائنده ماسٽر پلان/زوننگ پلان جي تياري ۽ انهن تي موثر عملدرآمد.

معاشري ۾ بنيادي انساني حقن جي پابندي.

## شهري ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟

هڪ رضاڪاراڻه انتظامي ڪميٽي جنهن کي جنرل باڊي ذريعي هڪ ٻه ساله مدي لاءِ چونڊيو ويندو آهي، جيڪو کليل ۽ جمهوري اصولن تي انتظامي ڪمن کي انجام ڏيئي ٿي. رڪنيت (ميمبرشپ) هر خاص ۽ عام لاءِ کليل آهن جيڪي شهري جي هدفن ۽ اغراض ۽ مقصدن ۽ يادداشت (ميمورينڊم) سان متفق آهن.

### شهري لاءِ رضاڪارن جي ضرورت آهي

شهري جا مختلف منصوبا هيٺ ڏنل ڇهه ذيلي ڪميٽين جي وساطت سان هلايا وڃن ٿا.

- قانوني معاملا/ڪم
- ميڊيا ۽ ٻاهريان رابطا
- ڍهه لک وڻن جي وٽڪاري مهم
- ثقافتي ورثي جو تحفظ ۽ بحالي
- مالي حصول
- اسلحي کان پاڪ معاشرو

### شهري جي ميمبرشپ:

2017ع لاءِ پنهنجي ميمبرشپ جي تجديد ڪرائڻ نه وسارجو.

”شهري-سي بي اِي“ ۾ شرڪت ڪريو ۽ هڪ سٺي شهري طور هن شهر کي صاف رکڻ، صحت بخش ۽ ماحول دوست ماڳ بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪريو

### شهري ۾ شامل ٿي وڃو

هڪ بهتر ماحول ٺاهڻ لاءِ

مبلغ -/2000 روپيه جي ڪراس چيڪ تحت (سالانه ميمبرشپ فيس)

نالي: شهري-سي بي اِي

پاسپورٽ سائز فوٽو سان گڏ

هنڌ: R-88 بلاڪ2، پي اي سي ايچ ايس، ڪراچي-75400

ٽيليفون/فيڪس:92-21-3453-0646

نالو: ____________________

ٽيليفون (گهر) ____________________

ٽيليفون (آفيس) ____________________

هنڌ: ____________________

پيشو ____________________